# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1976
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1976
# سنڌ يتيم خانا (نگراني ۽ ضابطو) آرڊيننس، 1976
# THE SINDH ORPHANAGES (SUPERVISION AND CONTROL) ORDINANCE, 1976

## (CONTENTS)فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصفون

Definitions

3.قيام ۽ بورڊ ۾ شموليت

Establishment and incorporation on the board

4.بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

5.بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو

Chief Executive of the Board

6.سيڪريٽري جي عارضي آسامي

Temporary vacancy of Secretary

7.بورڊ جا فيصلا ۽ گڏجاڻيون

Decisions and meetings of the Board

8.بورڊ جا عملدار ۽ ملازم

Officers and employees of the Board

9.اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

10.فنڊ

Fund

11.فنڊ جو استعمال

Utilization of Fund

12.بجيٽ

Budget

13.اڪائونٽ ۽ آڊٽ

Account and Audit

14.بورڊ جا ڪم

Functions of the Board

15.بنا لائسنس جي يتيم خانو قائم ڪرڻ يا جاري رکڻ کان منع

Prohibition to establish or continue an orphanage without a licence

16.لائسنس لاءِ درخواست

Application for licence

17.يتيم خاني جو قيام ۽ جاري رکڻ

Establishment and continuance of orphanage

18.لائسنس نئون ڪرڻ

Renewal of licence

19.اپيل

Appeal

20.مردن ۽ عورتن لاءِ يتيم خانا

Orphanages for males and females

21.لائسنس ملتوي يا رد ٿيڻ

Suspension or cancellation of licence

22.يتيمن جو طبي معائنو

Medical examination of orphans

23.اڪائونٽس جي مرمت ۽ جاچ

Maintenance and inspection of Accounts

24.پنڻ ڪان بچائڻ

Prevention of begging

25.ڇوٽ

Exemption

26.ڏنڊ

Penalties

27.قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

28.منسوخي

Repeal

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1976
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1976
# سنڌ يتيم خانا (نگراني ۽ ضابطو) آرڊيننس، 1976
# THE SINDH ORPHANAGES (SUPERVISION AND CONTROL) ORDINANCE, 1976

[20 جنوري 1976]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ۾ يتيم خانن جي ڪم ڪار جي نگراني ۽ ضابطي لاءِ بورڊ قائم ڪيو ويندو.

| | |
|---|---|
| جيئن تہ سنڌ ۾ يتيم خانن جي ڪم ڪار جي نگراني ۽ ضابطي لاءِ بورڊ جو قيام ضروري ٿي پيو آهي؛ | تمهيد (Preamble) |
| ۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛ | |
| هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي: | |
| 1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ يتيم خانا (نگراني ۽ ضابطو) آرڊيننس، 1976 سڏيو ويندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| (2)هي اهڙي تاريخ تي لاڳو ٿيندو، جيڪا حڪومت | |

ان سلسلي ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي مقرر ڪري.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين مفهوم ڪجهه ٻيو نہ هجي، تيستائين:

(a) "ايجنسي" مطلب رضاڪاراڻي سماجي ڀلائي ايجنسيز (رجسٽريشن ۽ ضابطو) آرڊيننس، 1961 تحت رجسٽر ٿيل رضاڪاراڻي سماجي ڀلائي ايجنسي؛

(b) "بورڊ" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل بورڊ؛

(c) "بجيٽ" مطلب بورڊ جي سالياني ڪمائي ۽ خرچ جو آفيشل اسٽيٽمينٽ؛

(d) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) "فنڊ" مطلب دفعہ 10 تحت جوڙيل سنڌ يتيم خانن جو فنڊ؛

(g)"لائسنسي" مطلب هڪ شخص يا ايجنسي جنهن کي هن آرڊيننس تحت لائسنس جاري ڪيو ويو هجي؛

(h)"لائسنسنگ اٿارٽي" مطلب ڊائريڪٽر، سماجي ڀلائي سنڌ يا سندس طرفان نامزد ڪيل ڪو ٻيو شخص؛

(i) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(j) "يتيم" مطلب ارڙهن سالن جي عمر کان ننڍو ڪو ٻار:

(i) جنهن هڪ يا ٻئي والدين وڃايا هجن ۽ جنهن کي ڪمائي جو ڪو جوڳو ذريعو نہ هجي؛ يا

(ii)جنهن کي والدين آهن پر اهي بي سهارا هجن؛

يا

(iii)جنهن کي والدين ڪڍي ڇڏيو هجي؛ يا

(iv)جنهن جا والدين لاپتا هجن؛

(k)"يتيم خانو" مطلب يتيمن حاصل ڪرڻ، انهن جو خيال رکڻ ۽ سار سنڀال ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ جڳهه؛

(l) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(m)"سيڪريٽري" مطلب بورڊ جو سيڪريٽري؛

(n)"قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(o)"وائيس چيئرمين" مطلب بورڊ جو وائيس چيئرمين.

قيام ۽ بورڊ ۾ شموليت
Establishment and incorporation on the board

3.(1) هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ بورڊ قائم ڪيو ويندو، جنهن کي سنڌ يتيم خانا نگراني ۽ ضابطو بورڊ سڏيو ويندو.

(2) بورڊ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر سان گڏ هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب ٻنهي قسمن جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ جو اختيار هوندو ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) بورڊ جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچيءَ ۾ هوندو يا اهڙي ٻي جڳهه تي جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي طئي ڪري.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of

4.(1) بورڊ مشتمل هوندو:

the Board

| | | |
|---|---|---|
| (a) | سماجي ڀلائي وارو وزير | چيئرمين |
| (b) | صحت ۽ سماجي ڀلائي کاتي جو سيڪريٽري | وائيس چيئرمين |
| (c) | ماليات کاتي سنڌ، جو سيڪريٽري | ميمبر |
| (d) | اوقاف کاتي سنڌ جو سيڪريٽري | ميمبر |
| (e) | تعليم کاتي سنڌ جو سيڪريٽري | ميمبر |
| (f) | اويڪيوئي پراپرٽي ٽرسٽ بورڊ، ڪراچي جو سيڪريٽري | ميمبر |
| (g) | حڪومت طرفان نامزد ڪيل گهرو کاتي سنڌ جو هڪ نمائندو | ميمبر |
| (h) | حڪومت طرفان نامزد ڪيل قانون واري کاتي سنڌ جو هڪ نمائندو | ميمبر |
| (i) | حڪومت طرفان نامزد ڪيل صنعتن ۽ معدني ترقي کاتي، سنڌ جو هڪ نمائندو | ميمبر |
| (j) | سماجي ڀلائي کاتي لاءِ پارلياماني سيڪريٽري | ميمبر |
| (k) | هر ڊويزن مان حڪومت طرفان نامزد ڪيل هڪ ناميارو سماجي ورڪر | ميمبر |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (l) | چيمبر آف ڪامرس ۽ انڊسٽري جو ان طرفان نامزد ڪيل هڪ نمائندو | ميمبر | |
| (m) | سماجي ڀلائي، سنڌ جو ڊائريڪٽر | ميمبر / سيڪريٽري | |

(2) بورڊ انسان دوستن منجهان غير سرڪاري ميمبرز رکي سگهي ٿو جيڪي ٽي کان وڌيڪ نہ هوندا.

(3) وڏو وزير بورڊ جو سرپرست اعليٰ هوندو.

(4) غير سرڪاري ميمبر ٽن سالن جي عرصي تائين عهدو رکي سگهندو، جيستائين اهو چيئرمين کي خط ذريعي استعيفيٰ نہ ڏئي يا بورڊ طرفان لکت ۾ رڪارڊ ڪيل سببن تحت اڳوات هٽايو نہ وڃي.

(5) غير سرڪاري ميمبر جي عهدي تي عارضي آسامي ذيلي دفعہ (1) ۽ ذيلي دفعہ (2) تحت ڀري ويندي ۽ اهڙي آسامي تي مقرر ڪيل ميمبر، رهيل مدي تائين عهدو رکي سگهندو.

(6)عهدي جي مقصد لاءِ مقرر ڪيل هڪ سرڪاري ميمبر عهدو ڇڏڻ تي ميمبر نہ رهندو.

بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو
Chief Executive of the Board

5.(1) چيئرمين بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو.

(2) چيئرمين جي غير موجودگيءَ ۾ وائيس چيئرمين چيئرمين جا اختيار استعمال ڪندو ۽ سندس ڪم

سرانجام ڏيندو.

| | |
|---|---|
| 6.جيڪڏهن سيڪريٽري ڪنهن سبب جي ڪري عارضي طور تي پنهنجون ذميداريون ادا ڪرڻ جي لائق ناهي، چيئرمين سوشل ويلفيئر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر يا ڪنهن ٻئي عملدار کي سندس غير موجودگيءَ ۾ سيڪريٽري طور ڪم ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو. | سيڪريٽري جي عارضي آسامي Temporary vacancy of Secretary |
| 7.(1) ڪو بہ معاملو جنهن جو فيصلو بورڊ طرفان ٿيڻو هجي، ان جو فيصلو بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ اهڙي گڏجاڻيءَ ۾ موجود ميمبرن جي ووٽن جي اڪثريت جي بنياد تي ڪيو ويندو.<br>(2) بورڊ جي گڏجاڻين جي صدارت چيئرمين طرفان ڪئي ويندي.<br>(3) هر ميمبر کي هڪ ووٽ هوندو، بشرطيڪ ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾ چيئرمين کي ووٽ جو حق حاصل هوندو.<br>(4) ڪل ميمبرن جي هڪ ٽياڱي تي ميمبر بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم جوڙيندا ۽ جنهن جي نسبت مڪمل هوندي.<br>(5) بورڊ جو ڪو بہ قدم يا ڪارروائي بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ نقص سبب غير موثر نہ هوندا.<br>(6)بورڊ اهڙي هنڌ ۽ وقت تي گڏجاڻي ڪندو ۽ اهڙي | بورڊ جا فيصلا ۽ گڏجاڻيون Decisions and meetings of the Board |

طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ جيستائين قاعدا جوڙيا وڃن، بورڊ جون گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي هنڌ تي ڪوٺايون وينديون، جيئن چيئرمين موزون سمجهي.

بورڊ جا عملدار ۽ ملازم
Officers and employees of the Board

8.(1)بورڊ پنهنجي ڪمن جي بهتر ڪارڪردگي لاءِ يا پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت اهڙا عملدار ۽ ٻيا ملازم مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي ۽ جيڪي اهڙي قابليت رکندا هجن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ هن دفعہ تحت خدمت جا شرط ۽ ضابطا سرڪاري ملازمن تي لاڳو ٿيندڙ خدمت جي شرطن ۽ ضابطن تحت طئي ڪيا ويندا.

(2) بورڊ قاعدا جوڙڻ ۾ دير تي، ڪنهن ملازم کي ايڊهاڪ بنيادن تي مقرر ڪري سگهي ٿو اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن اهو طئي ڪري.

(3) ذيلي دفعات (1) ۽ (2) تحت مقرر ڪيل عملدار ۽ عملي کي:

(a) اهڙيون ذميداريون ۽ اختيار ڏنا ويندا، جيئن بورڊ موزون سمجهي؛

(b)جيستائين چيئرمين يا بورڊ طرفان ٻي هدايت نہ ڪئي وئي هجي، سيڪريٽري جي ضابطي ۽ نگراني ۾ ڪم ڪندا؛

(c) اهڙي انتظامي ضابطي جا مستحق هوندا، جيئن بيان
ڪيو ويو هجي؛

(4) چيئرمين، ميمبرز ۽ ٻيا سمورا بورڊ جا ملازم پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 تحت سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

9.(1) بورڊ خاص يا عام حڪمن ذريعي ۽ اهڙين حالتن موجب جيئن مناسب سمجهي پنهنجا اختيار، ڪم ۽ ذميداريون چيئرمين يا وائيس چيئرمين يا ميمبر يا سيڪريٽري يا پنهنجي ڪنهن ٻئي عملدار يا ملازم کي منتقل ڪري سگهي ٿو.

(2) چيئرمين پنهنجا ڪي بہ اختيار وائيس چيئرمين کي سونپي سگهي ٿو.

فنڊ
Fund

10.(1) بورڊ جو هڪ ڏار فنڊ هوندو، جنهن کي سنڌ يتيم خانا فنڊ سڏيو ويندو.

(2) فنڊ مشتمل هوندو:

(a) حڪومت طرفان ڪيل گرانٽس؛
(b) زڪوات، فطري، عطين، خيرات ۽ ٻين ڪنٽريبيوشنز سان گڏ ڪيل سموري رقم؛
(c) هن آرڊيننس تحت فيس طور حاصل يا جمع ڪيل سموري رقم؛
(d) وفاقي حڪومت، ڪنهن عالمي ايجنسي يا ڊونر ايجنسي کان حاصل ڪيل سموري رقم؛

(e)فنڊ مان سيڙپڪارين يا فنڊ جي رقم تي وياج مان ملندڙ ڪمائي.

(3) فنڊ ۾ جمع ڪيل رقمون بورڊ طرفان منظور ڪيل شيڊولڊ بئنڪ ۾ جمع ڪيون وينديون.

(4)بورڊ پنهنجا فنڊز وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سڪيورٽي يا بورڊ طرفان منظور ڪيل ڪنهن سڪيورٽي ۾ سيڙائي سگهي ٿو.

(5)بورڊ حڪومت يا ڪنهن بئنڪ کان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت قرض حاصل ڪري سگهي ٿو. جيئن حڪومت طرفان ڄاڻايو ويو هجي.

فنڊ جو استعمال
Utilization of Fund

11. (1) بورڊ فنڊ استعمال ڪري سگهي ٿو:

(a) هن آرڊيننس تحت پنهنجي ڪمن جي سلسلي ۾ عملدارن ۽ بورڊ جي ملازمن جي پگهارن ۽ ٻين الائونسز جي خرچن کي منهن ڏيڻ؛

(b)ان سلسلي ۾ قرضن ۽ وياج جي ادائگي؛

(c)هن آرڊيننس جا مقصد جاري رکڻ لاءِ گهربل ٻيا خرچ پورا ڪرڻ.

(2) بورڊ حد مقرر ڪندو. جنهن تائين چيئرمين ۽ سيڪريٽري کي فنڊ ڪيرائڻ، پنهنجي تحويل ۾ رکڻ ۽ خرچ ڪرڻ جو اختيار هوندو.

بجيٽ
Budget

12.(1) بورڊ هر مالي سال لاءِ ڪٿيل وصولين ۽ خرچ جو بيان تيار ڪندو ۽ اهڙو بيان حڪومت کي اهڙي نئين مالي

سال جي شروعات کان گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا اڳ جمع ڪرائيندو.

(2) حڪومت ذيلي دفعہ (1) تحت جمع ڪرايل بجيٽ تبديلي سان يا بنا تبديلي جي جيئن اها مناسب سمجهي جاري ڪري سگهي ٿي.

(3) جيڪڏهن حڪومت طرفان منظور ڪيل بجيٽ مالي سال جي شروعات کان اڳ حاصل نہ ٿي ٿئي، اها حڪومت طرفان منظور ڪيل سمجهي ويندي.

(4) بورڊ حڪومت جي اڳواٽ منظوري کانسواءِ منظور ڪيل بجيٽ کان وڌيڪ خرچ نہ ڪندو.

اڪائونٽ ۽ آڊٽ
Account and Audit

13.(1) بورڊ جا اڪائونٽس اهڙي طريقي سنڀاليا ۽ آڊٽ ڪيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت آڊٽ ڪيل اڪائونٽس جو بيان اسڪروٽني لاءِ بورڊ سامهون رکيو ويندو ۽ بيان جي نقل هر مالي سال کانپوءِ جيترو جلد ٿي سگهي حڪومت کي جمع ڪرائي ويندي.

بورڊ جا ڪم
Functions of the Board

14.(1) حڪومت جي عام يا خاص هدايتن موجب، بورڊ:

(a)سڄي صوبي ۾ يتيمن جي ادارتي سار سنڀال لاءِ حڪمت عملي جوڙيندو؛

(b)اهڙن ادارن ۾ يتيمن کي فراهم ڪئي ويندڙ سار سنڀال جو معيار طئي ڪندو؛

(c)يتيم خانن جي انتظاميہ کي جديد ۽ سائنسي طريقي

يتيم خانا هلائڻ بابت مشورو ڏيندو؛

(d) ادارن تي ويجهي نگراني رکندو ۽ انهن لاءِ سار سنڀال جي طئي ڪيل معيار تي عمل کي يقيني بڻائيندو؛

(e) يتيمن سان لاڳاپيل موزون قانون سازي ڪندو ۽ حڪومت کي تجويز ڪندو ۽ جيڪڏهن ضروري هجي موجود قانونن ۾ ترميمن جي سفارش ڪندو؛

(f) يتيم خانن جي رجسٽريشن جي موجوده نظام تي نظرثاني ڪندو ۽ ان کي هموار ڪرڻ جا طريقا ۽ رستا تجويز ڪندو؛

(g) هر اها شئي ڪندو جيڪا يتيم خانن جي سڌاري لاءِ فائديمند هجي؛

(h) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو، جيڪي ان کي حڪومت طرفان سونپيا وڃن.

(2) بورڊ:

(a) اهڙا اپاءَ وٺندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيڪي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛

(b) هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو بہ خرچ برداشت ڪندو.

**بنا لائسنس جي يتيم خانو قائم ڪرڻ يا جاري رکڻ کان منع**
**Prohibition to establish or**

15. ڪو بہ يتيم خانو هن آرڊيننس جي گنجائشن ڪانسواءِ قائم ڪيو يا جاري رکيو نہ ويندو.

continue an orphanage without a licence

لائسنس لاءِ درخواست
Application for licence

16.(1) ڪو شخص يا ايجنسي جيڪو يتيم خانو قائم ڪرڻ چاهيندو هجي يا ڪو شخص يا ايجنسي جيڪو اڳواٽ موجود يتيم خاني کي اهڙيءَ ريت جاري رکڻ چاهيندو هجي، بيان ڪيل طريقي موجب ۽ پنجاهہ رپين جي في جي ادائگي تي، لائسنسنگ اٿارٽي کي درخواست ڪندو، جنهن ۾ اهو ڄاڻائيندو تہ يتيم خانو جنهن لاءِ لائسنس گهربل آهي، اهو مردن لاءِ آهي يا عورتن لاءِ ۽ درخواست سان گڏ اهڙا دستاويز شامل هوندا، جيئن بيان ڪيا ويا هجن.

(2)لائسنسنگ اٿارٽي درخواست ملڻ تي، اهڙي جاچ ڪندي جيئن اها ضروري سمجهي ۽ پوءِ يا تہ درخواست منظور ڪندي يا لکت ۾ سبب ڄاڻائيندي ان کي رد ڪندي.

(3)جيڪڏهن لائسنسنگ اٿارٽي درخواست منظور ڪري ٿي، اها بيان ڪيل طريقي موجب درخواست گذار کي لائسنس جاري ڪندي.

(4) لائسنسنگ اٿارٽي اهڙو رجسٽر رکندي جنهن ۾ ذيلي دفعہ (3) تحت جاري ڪيل لائسنسز بابت اهڙا تفصيل هوندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

يتيم خاني جو قيام ۽ جاري رکڻ

17.(1) يتيم خانو جيڪو هن آرڊيننس جي شروعات کان اڳ موجود نہ هجي، اهو فقط دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ (3) تحت

| | |
|---|---|
| لائسنس جاري ٿيڻ کانپوءِ ئي قائم ڪيو ويندو. | |
| (2) اڳواٽ موجود يتيم خانو هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ ﭘ مهينن کان وڌيڪ جاري نہ رهي سگھندو، جيستائين دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ (1) تحت اهڙي تاريخ جي ٽيهن ڏينهن اندر لائسنس لاءِ درخواست نہ ڏني وڃي. | Establishment and continuance of orphanage |
| (3) جتي مٿي ڄاڻايل طريقي موجب اڳواٽ موجود يتيم خاني جي سلسلي ۾ درخواست ڏني وئي هجي ۽ اهڙي درخواست رد ڪئي وئي هجي، پوءِ جيستائين ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل ﭘ مهينن جي عرصي تائين يتيم خانو درخواست رد ٿيڻ واري تاريخ کان ٽيهہ ڏينهن جي عرصي تائين جاري رهندو يا جيڪڏهن دفعہ 19 تحت اپيل ڪئي وئي آهي تہ جيستائين اها اپيل رد ٿئي. | |
| 18. دفعہ 16 تحت جاري ڪيل لائسنس ﭔن سالن جي عرصي تائين ڪارگر هوندو، جيڪو درخواست تي لائسنسنگ اٿارٽي طرفان وڌيڪ ﭔن سالن جي عرصي لاءِ بنا في جي نئون ڪيو ويندو، جيڪو ﭔن سالن کان وڌيڪ نہ هجي. | لائسنس نئون ڪرڻ Renewal of licence |
| 19. جيڪڏهن لائسنسنگ اٿارٽي لائسنس جاري ڪرڻ يا نئون ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ٿي، تہ درخواست گذار لائسنسنگ اٿارٽي جي حڪم جي تاريخ کان ٽيهن ڏينهن اندر حڪومت کي اپيل ڪري سگھي ٿو ۽ حڪومت طرفان جاري ڪيل حڪم حتمي هوندو ۽ ان تي لائسنسنگ اٿارٽي طرفان عمل ڪرايو ويندو. | اپيل Appeal |

| | |
|---|---|
| 20.مردن ۽ عورتن لاءِ ڌار ڌار يتيم خانا هوندا، جيڪڏهن ضروري هجي، انهن کي ساڳي انتظاميہ جي هٿ هيٺ هلائڻ جي اجازت هوندي. | مردن ۽ عورتن لاءِ يتيم خانا<br>Orphanages for males and females |
| 21.(1) جيڪڏهن ڪنهن بہ وقت لائسنسنگ اٿارٽي کي يقين ڪرڻ لاءِ سبب آهن تہ ڪنهن يتيم خاني جي انتظاميا ان جي فنڊز جي سلسلي ۾ ڪنهن بدانتظامي جي ذميوار آهي يا ان جي معاملن هلائڻ ۾ بدانتظامي جي ذميوار آهي يا هن آرڊيننس جي گنجائشن يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن تي يا لائسنس جي ڪنهن شرط يا ضابطي تي عمل ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، اها انتظاميا کي ٻڌڻ جو اهڙو موقعو ڏيڻ بعد، جيئن اها مناسب سمجهي، لکت ۾ حڪم ذريعي لائسنس ملتوي يا رد ڪري سگهي ٿي.<br><br>(2)ذيلي دفعہ (1) تحت ملتوي ڪرڻ يا رد ڪرڻ جو هر حڪم لائسنسنگ اٿارٽي طرفان بورڊ جي سامهون رکيو ويندو، جيڪو تصديق ڪندو يا لائسنسنگ اٿارٽي جي حڪم کي پاسي تي رکندو.<br><br>(3)لائسنس جي رد ٿيڻ يا ملتوي ٿيڻ تي بورڊ اهڙا حڪم جاري ڪندو ۽ يتيم خاني جي سلسلي ۾ اهڙو قدم کڻندو، جنهن جو لائسنس رد يا ملتوي ڪيو ويو هجي، جيئن اهو ضروري سمجهي. | لائسنس ملتوي يا رد ٿيڻ<br>Suspension or cancellation of licence |

| | |
|---|---|
| 22.لائسنسي، يتيم خاني ۾ داخلا جي ستن ڏينهن اندر هر يتيم جو رجسٽرڊ ڊاڪٽر طرفان طبي معائنو ڪرائيندو ۽ ان کانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ هڪ ڀيرو معائنو ڪرائيندو ۽ اهڙي طبي معائني جو بيان ڪيل طريقي موجب رڪارڊ رکندو. | يتيمن جو طبي معائنو Medical examination of orphans |
| 23.(1) لائسنسي يتيم خاني جي ڪمائي ۽ خرچ جو حساب ڪتاب رکندو يا سنڀاليندو اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.<br>(2)بورڊ يا ان طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص يتيم خاني جي اڪائونٽس جي جاچ ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي ۽ لائسنسي اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.<br>(3)لائسنسي جڏهن به گهربل هجي، ان طرفان رکيل رڪارڊ يا اڪائونٽس بورڊ يا لائسنسنگ اٿارٽي يا ان جي نامزد ڪيل جي سامهون پيش ڪندو يا پيش ڪرڻ جو سبب بڻجندو. | اڪائونٽس جي مرمت ۽ جاچ Maintenance and inspection of Accounts |
| 24.لائسنسي يتيم خاني ۾ داخل ڪنهن يتيم کي گذر سفر لاءِ پنڻ يا چندو ڪرڻ يا ڪنهن به طريقي رقم گڏ ڪرڻ يا انساني رتبي جي مخالف ڪو به ڪم ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندو. | پنڻ کان بچائڻ Prevention of begging |
| 25.هن آرڊيننس ۾ ڪجهه به حڪومت طرفان قائم ڪيل يا سنڀاليل يتيم خاني تي لاڳو نه ٿيندو. | ڇوٽ Exemption |

**ڏنڊ**
**Penalties**

26.(1) جيڪو به هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش جي ڀڃڪڙي ڪندو ان کي قيد جي سخت سزا ڏني ويندي، جيڪا ٻن سالن جي عرصي کان وڌيڪ نه هوندي ۽ ڏنڊ جيڪو ٻه هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندو.

(2)جتي ڏنڊ مڙهيو وڃي، اهڙي ڏنڊ جو پنجهتر سيڪڙو فنڊ ۾ جمع ڪيو ويندو.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار**
**Power to make rules**

27.(1) آرڊيننس جي گنجائشن موجب بورڊ حڪومت جي اڳواٽ منظوري سان هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿو.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل قاعدن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ ڪانسواءِ اهڙا قاعدا هيٺين سمورن معاملن يا ڪجهه معاملن لاءِ فراهم ڪندا، يعني:

(a)طريقيڪار جنهن تي بورڊ جي گڏجاڻين ۾ عمل ڪيو ويندو؛

(b)بورڊ جي ملازمن جي خدمت جا شرط ۽ ضابطا؛

(c)چيئرمين، وائيس چيئرمين، سيڪريٽري ۽ بورڊ جي ميمبرز جا اختيار ۽ ذميداريون؛

(d)لائسنسز جاري ڪرڻ ۽ نئون ڪرڻ لاءِ درخواست جو فارم؛

(e)طريقو ۽ شرط جن تحت لائسنس جاري ڪيا ويندا؛

(f) طبي معائني جون رپورٽس جوڙڻ ۽ يتيمن جي داخلا جو طريقو.

**منسوخي**

28. اولهه پاڪستان يتيم خانن جو ضابطو ايڪٽ،

| | |
|---|---|
| Repeal | 1958، ان جي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ ۾ يتيم خانن جو ضابطو (ڪراچي ڊويزن) آرڊيننس، 1958 منسوخ ڪيا ويندا. |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**